# آکاڻي جيڪي نانيءِ ٻڌائي
## جيوت پوگيا جوت جي لِکيل

اَڄ نانيءَ روز جيان آکاڻي ٻڌائڻ شُروُع ڪئي، هِڪُ هو راجا ته وينا وچ ۾ چئي ڏنو، ”ڪائيندو هو ڪاڄا“.

ناني کي غُصو اچي وِيو، وينا کي چِڙ ڏيندي چيائين جيڪَڏهن وچ ۾ ڳالهائيندين ته مان آکاڻي ٻُڌائڻ بند ڪندس، وينا اُنهاري جي موُڪلن ۾ شيام،لڇمڻ ۽ راڪيش سان گڏُ پنهنجي نانيءَ وٽ سِندونگر ۾رهيل هئي. روز رات جو ناني پنهنجن ڏوهٽن کي آکاڻي ٻُڌائندي هئي. ٻارَ آکاڻي ٻُڌڻ ڪانپوءَ ننڊ جي سُندَر سَپنن ۾ ڪوئجي ويندا هئا. ڪَڏهن ڪَڏهن نانيءَ سان آکاڻي هلندي ڪِل مَشڪري بي ڪندا هئا، ٻارَ جو ٽيا.

وچ ۾ نه ڳالهائڻ ته مزو ڪيئن اَچين، اَڄُ ٻه وينا وِچ ۾ ڳالهايو، ته نانيءَ جي چِڙبَ ڪائيندئين ، تڏهن ننڍڙي راڪيش چَيو، ” ناني تو هي آکاڻي ٻه ٽي دَفا اڳِ ٻه ٻُڌائي آهي“.

لڇمڻ چوڻ لڳو، ” ناني جيڪي اڳي ديو واري آکاڻي ٽي راتيون سانده ٻُڌائي هئي، هوءَ وري ٻُڌائي ته پوءَ ڏاڍو مزو ايندو“.

وَڏو ڏوهُٽوءَ شيام چَوڻ لڳو، ”اَمان، هاڻي اَسين وڏا ٿي وِيا آهيون اڳي ته اَسان کي ٻَڌائي ويندي هوئينَ اَسين ننڍا هوئاسون، ها ها ڪندا هوئاسون هاڻي ته نه راجائون آهن ۽ نه ديو نه پريون آهن“.

نانيءَ مُشڪي چَوڻ لڳي، ”هاڻي شيام نٿو ڳالهائي ، اسڪول ۾ پهريون نمبر آيو آهي اهو ٿو ڳالهائي“.

لَڇو وري چَوڻ لڳو،” شيام کي ٿوري وَڏائي ٿي ويئي آهي، جو اسڪول ۾ پَهريون نُمبر آيو آهي مان ٻه ٻه سال مَهنت ڪَري پَهريون نُمبر ايندُس“، وينا ۽ راڪيش ٻه چوڻ لَڳا ” اسين وَري پَڙهڻ ۾ گهٽ آهيون ڇا؟ هاڻي آکاڻي ٻُڌڻ جي موڊ ۾ آهيون.

ناني هاڻي ته آکاڻي ٻُڌائي، جيڪا اسان ڪَڏهن نه ٻُڌي هُجي. نانيءِ چَوڻ لڳي، ” هِڪَ شَرط تي توهان وچ ۾ نه ڳالهائيندا ته ٻُڌائيندس“.

سَيني ٻارن ها ڪئي، نانيءَ آکاڻي ٻُڌائڻ شروُع ڪئي هن وقت سڀ ٻار شانتي ۾ ڪن لاهي آکاڻي ٻُڌڻ لڳا. ناني چَيو،”هِڪَ رات نندراديوي گهُمڻ نِڪتي،“ ننڍڙي راڪيش چيو،” ناني اَما نندراديوي ڇا ٿيندي آهي؟“ وينا چوڻ لڳي راڪيش تو ته ٻُدو آهين ننڊ ڪون ٻڌي اٿهيءَ جيڪا اسان جو بستري ۾ ڪندا آهيون اُن کي هي ته نندراديوي چئبو آهي.


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com

ناني ٿورو غُصي ۾ اچي ويئي ”يائي مونکي توهانجو وِچ ۾ ڳالهائڻ مزو نٿو ڏيي، جيڪَڏهن ڪنهنکي ڪو سوال پُڇڻو آهي، سو آڪاڻي خَتم ٿيڻ کان پوءِ پُڇي.چڱو هاڻي آڪاڻي ٻُڌائيان ٿي،

هِڪڙو هو راجا، شيام وِچ ۾ ڪٽيندي چَيو، نانيِ تون تہ سَچ پچُ ٻُڌي ٿي ويئي آهين.

تو آڪاڻي پي ٻُوڌائي نِندراديوي جي، ”اري يائي پُل ٿي وئي ها ها ڏاڍي سُني آڪاڻي اٿوَ، نانيِ چيو

هاڻي نانيِ آڪاڻي چوڻ لڳي، هِڪُ رات جو نِندِراڻي گھُمڻ نڪتي، گھمندي گھمندي هِڪَ اسپتال ۾ ڳِهڙي ويئي، گھڻا مَريز سُورن ۾ داهون ڪري رهيا هُئا، نندراديوءَ سَيني کي پَنهنجو هٿ ڦيرائي سُمهاري ڇڏيو.

اسپتال جي پرسان هِڪُ جيل هو، نندراديوي جيل ۾ گُسي ويئي ۽ قيئدين کي پَنهنجي دامنَ ۾ سُمهاري ڇڏين، هِڪڙو قيدي  جنهنجا ڏينهن اَچي پورا ٿيا هئا ۽ سندس هيءُ پڇاڙي رات هئي.

اُن کي ڳَڻتيءَ ڪري نند ڪانَ پي اَچي، تَنهنکي بہ نندراديوي چَپتي وَجائي پَنهنجي گود ۾ سُمهاري ڇڏيو جيل جي ٻاهر پوليس جو پهرو هو، سندس مرزي ٿي تہ مان بہ سُمهاري ڇڏيان بسَ پوليسوارا اُباسيون ڏيندا نند جو شِڪار ٿيندا وِيا.

هاڻي نندراديوي  ڏاڍي خوش هئي، هوءَ رَستي تي، ڦٽ پاٿ تي، مَهل ۾، جهوپڙين ۾ ماڻُهن کي پَنهنجي مرزي موجب سُمهاريندي پي ويئي.

نانيءَ ڪلهندي چيو ڏِسو ”تونهانکي تہ نندراديوي سُمهاري نہ ڇڏيو آهي نہ “  سيني ٻارن يَڪسانڻ چَيو آڪاڻي سُني ٻُڌائي اَٿيءِ نانيِ، نند واري آڪاڻي ۾ نند ڪيئن ايندي. ناني ناسَ ڏيئي چيو ”هاڻي نندراديوي ڏاڍو خوش ڏِسڻ ۾ پيءَ اچي. جيڪو ساهہ وارو سامهون پي آيس تَنهنکي سُمهاريندي پي ويئي. نندراديوي مهسوس ڪيو جِتي ڪِٿي سَندس راڄ هو،

اوچتو نندراديوي هِڪَ گهر ۾ گهڙي ويئي هن وجي ڏٺو تہ ڪي ٻارَ اسڪولي ڪتابن جو اَڀياس ڪَري رهيا آهن، سُڀاڻي سَندن امتحان هو رات چڱي گَذري چُڪي هئي، تڏهن بہ ٻارَ ٻَتي جي آس پاس ويهي خوب ڌيان سان پَڙهي رَهيا هُئا نندراديوي جي مَن ۾ آيو تہ هِنن ٻارن کي بہ نند ۾ سُمهاري ڇڏيان، سو هن پنهنجو هٿ ڦهريو، پَر هي ڇا هن جي جادوءَ جو اثر اُن ٻارَن تي ڪان ٿِيو

هن دفعي وري هڪڙو دفعو پنهنجو هٿُ ڦهري ٻارَن کي نندَ ڪَرائڻ جي ڪوشِشِ ڪَئي، پرَ ڪامياب نہ وهيءَ، ٻار تہ ساڳيو اُتساهہ ۽ اُمنگ سا پَڙهن ۾ مشحول هُئا، نندراديوي دِل ۾ چَيو

منهنجي توبهہ انهن سُنن ۾ مهنتي ٻارَن کي مان ننڊ نہ ڪَرائي سگهندس اِهي مڪروب اِرادي وارا آهِن، پڪي اِرادي وارا آهن.
اِنهنجي نيٽن ۾ مان ننڊ آهيان هي ڪٽي. اِنهن ٻارن کي اسڪول ۾ پهريون نمبر اَچڻو آهي.
پائي هِتي منهنجي دال نہ ڳهرندي ، سبني ٻارن هِڪَ وقت ڪَن ڪڙا ڪَري چَيو، ناني اج تہ آڪاٽي ڏاڍي مَزيدار ٻُڌائي اٽئي. هاٽي نانيِ چَيو "پوءَ نندراديوي اهڙن سُنَن ٻارَن کي سَلام ڪَندي گُم ٿي ويئي .
ڪيئن هُئي نہ مَزيدار آڪاٽي! سَيني ٻارن تاڙيون وَڄائي نانيِ کي چيو "ڏاڍي سُني آڪاٽي هُئي نانيِ هميشاهہ اهڙي مزيدار آڪاٽي ٻُڌائي."


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com